SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر LIV مجريہ 2013
# SINDH ACT NO.LIV OF 2013
# لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE LYARI DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2013

## (CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1994 جي سنڌ ايڪٽ نمبر X جي تجديد
Revival of Sindh Act No. X of 1994

3. 1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعہ 2 جي ترميم
Amendment of Section 2 of Sindh Act No. X. of 1994

4. 1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعہ 4 جي ترميم
Amendment of Section 4 of Sindh Act No. X. 1994

5. 1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of section 8 of Sindh Act No. X of 1994

.8. 1996 جي دفعہ 27جي ترميم.
Amendment of section 27 of 1996.

9. محفوظ بنائڻ
Saving

# سنڌ ايڪٽ نمبر LIV مجريہ 2013
# SINDH ACT NO.LIV OF 2013
# لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم) ايڪٽ، 2013
# THE LYARI DEVELOPMENT AUTHORITY (REVIVAL AND AMENDING) ACT, 2013

[19نومبر 2013]

ايڪٽ جنهن ذريعي لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي سان لاڳاپيل قانون جي تجديد ۽ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ هائوسنگ انڊسٽريءَ کي هٿي ۽ ترقي ونرائي ۽ صوبي جي عوام کي اجهو مهيا ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ لياري ڊولپمنٽ ايڪٽ، 1993 جي هن هيٺ ڄاڻايل نموني سان تجديد ۽ ترميم ڪئي وڃي.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي (تجديد ۽ ترميم)، ايڪٽ، 2013 چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعہ 2 جي ترميم
Revival of Sindh Act No. X of 1994

2. لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي، ايڪٽ 1993، 2002 جي جولاءِ جي پهرين ڏينهن کان اهڙي ريت تجديد ٿيل سمجهيو ويندو جيئن اهو ڪڏهن بہ مٿايو ۽ ورجايو نہ ويو آهي ۽ هن کان پوءِ انهيءَ کي ساڳيو ايڪٽ چيو ويندو.

| | |
|---|---|
| 3. ايڪٽ جي دفعہ 2 جي شق(f)کان پوءِ هيءَ نئين شق شامل ڪئي ويندي. | 1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعہ 2 جي ترميم. Amendment of Section 2 of Sindh Act No.X.of 1994 |

”(ff) ”ڪنساليڊيشن آف لينڊ“ جو مطلب آهي تہ اسڪيم جي مقصدن لاءِ اسڪيم جي پلاٽن کي متاستا يا ٻئي ڪنهن طريقي سان مطابقت ۾ آڻڻ.

| | |
|---|---|
| 4.دفعہ 4 جي ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺينءَ ريت نعم البدل ڏيندو: | 1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعہ 4 جي ترميم Amendment of Section 4 of Sindh Act No.X.1994 |

”(1) اٿارٽي جي جوڙجڪ: اٿارٽي مشتمل هوندي:

(a) لوڪل گورنمينٽ، پبلڪ انجنيئرنگ، رورل ڊولپمينٽ هائوسنگ، سنڌ جو وزير. چيئرمين

(b) سرڪار طرف نامذ ٿيل صوبائي اسيمبليءَ جو هڪ مقامي ميمبر. ميمبر

(c) لوڪل گورنمينٽ، پبلڪ انجنيئرنگ، رورل ڊولپمينٽ هائوسنگ، سنڌ جو سيڪريٽري. ميمبر

(d) ڪراچي جو ڪمشنر ميمبر

(e) ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج بورڊ جو مئينجنگ ڊائريڪٽر ميمبر

(f) لياري ڊولپمنٽ اٿارٽي جو ڊائريڪٽر جنرل. ميمبر / سيڪريٽري

(g) سرڪارطرفان نامزد ٿيل ٻہ ماڻهو هڪ ٽيڪنو ڪريٽ ۽ هڪ سول سوسائٽي. ميمبر

| | |
|---|---|
| 5. هن ايڪٽ جي دفعہ 8، جي ذيلي دفعہ (I)جي شق (iii) کان پوءِ هيءَ نئين شق شامل ڪئي ويندي: | 1994جي سنڌ ايڪٽ X جي دفعہ 8 جي ترميم Amendment of of Sindh 8 Section |

“(ii_a) ڪنهن زمين کي اهڙي ريت مربوط ڪرڻ جيئن

قائدن ۾ بيان ڪيو ويو هو”.

Act No. X. 1994.

6. دفعہ 28، جي ذيلي دفعہ (2) ۾ لفظن ”حيدرآباد ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1976 تحت زمين حاصل ڪرڻ وارين لاڳا پيل گنجائش جي سهمت ۾“ بدران لفظ ”اٿارٽي طرفان“ نعم البدل بڻايا ويندا.

1996 جي دفعہ 27جي ترميم.
Amendment of section 27 of 1996.

7. 2002 جي جولاءِ جي پهرين تاريخ ۽ هن ايڪٽ جي نافذ ٿيڻ(ٻنهن ڏينهن سميت) ڪيل سمورا حڪم، ڪيل ڪارروايون، ڪيل ، ورتل قدم پر اهي ڪنهن ڪورٽ جي حڪم خلاف نہ آهن تہ پوءِ سمجهيو ويندو تہ اهي لياري ڊولپمينٽ اٿارٽي ايڪٽ، 1993 مطابق درست قدم کنيا ورتا ۽ ڪيا ويا آهن ۽ انهن تي ڪنهن ڪورٽ يا فورم تي ڪنهن بہ بنياد تي سوال نہ اٿاريو ويندو.

محفوظ بنائڻ
Saving.

**نوٽ : ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**